ڪردار ادا ڪيو آهي سا سندن رحمت واري صفت آهي. قرآن پاڪ سندن نبوت جو مقصد انهيءَ رحمت جو اظهار قرار ڏنو آهي. جيئن ارشاد خداوندي آهي:

”وما ارسلنک الا رحمة للعالمين“

(يعني (اي محمدﷺ) اسان توکي سمورن جهانن
لاءِ رحمت بڻائي موڪليو آهي)

انهيءَ رحمت جي وصف کي پاڻ سڳورن ﷺ جي مبارڪ زندگيءَ ۾ نمايان طور تي سهرد ڪيو ويو هو. هڪ ٻي آيت ۾ الله تعاليٰ انهيءَ وصف کي پنهنجي خاص رحمت جو نتيجو قرار ڏنو آهي:

”فبما رحمة من الله لنت لهم و لو كنت فظا غليظ القلب
لانفضوا من حولک“(٤)

(يعني الله جي رحمت جي ڪري توهان ماڻهن سان
نرم دل ٿيا آهيو ۽ جيڪڏهن توهان سخت دل هجو ها
ته هي توهان کان پري ٿي وڃن ها)

اهو ئي سبب هو جو پاڻ سڳورا ﷺ انهيءَ فطرتي رحمت جي ڪري امت جي حق کي قبول نه ڪرڻ جي ڪري پريشان ۽ بي قرار نظر ايندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ جو فڪر اهو ئي هو ته ڪهڙيءَ طرح سمورا انسان گمراهيءَ کي ڇڏي اسلام جي سلامتيءَ واري راهه اختيار ڪرڻ وارا بڻجي وڃن. پاڻ سڳورن ﷺ جي انهيءَ فڪر ۽ بي قراريءَ کي قرآن پاڪ ۾ هنن لفظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي:

”فلعلک باخع نفسک علیٰ آثارهم“ (٥)

(متان انهيءَ جي ڪري پنهنجو پاڻ کي هلاڪ ڪري ڇڏين)

دراصل هيءَ اها بي قراري هئي جنهن جي ڪري پاڻ ڪريم

لاهور، ١٩٨٣ع، ص: ٣٦
(١١) طاهر محمود اشرفي: رواداري سيرت طيبه ڪي روشني ۾ (اردو)، عمر پبليڪشنز، ٢٠٠٠ع، ص: ٣٢
(١٢) ايضاً، ص: ٣٣
(١٣) البقره، آيت ٢٥٦
(١٤) ايضاً
(١٥) الڪهف، آيت ٢٩
(١٦) اليونس، آيت ٩٩
(١٧) ابو الفرج عبدالرحمٰن: اخلاق النبي صه (اردو)، عبدالرحمٰن حبيب گنج لاهور، ص: ٤٩-٥٠
(١٨) صحيح بخاري، جلد اول، ڪتاب الجنائز، ص: ٣٤٣
(١٩) ڊاڪٽر ظهور احمد اظهر: فصاحت نبوي (اردو)، اسلامڪ پبليشنز لاهور، ١٩٨٢ع، ص: ٣٧١
(٢٠) قاضي زين العابدينؒ ميرٺي: نبي عربي (اردو)، جيد برقي پريس دهلي، ١٣٥٨ھ، ص: ١٣٧
(٢١) مقالات سيرت: پروفيسر عبدالماجد، ٢٠٠٣ع، وزارت مذهبي امور اسلام آباد، ص: ٨٧
(٢٢) مولانا مناظر حسن الگيلاني: مسلمانون ڪي فرقه بنديون ڪا افسانه (اردو)، اداره اسلاميات لاهور، ١٩٧٦ع، ص: ٦٦
(٢٣) الانعام: آيت ١٠٨
(٢٤) قاضي محمد سنمان منصور پوري: رحمت للعالمين (اردو)، جلد اول، شيخ غلام علي اينڊ سنز لاهور، ص: ١١٨

